## (٩)

# ڏيئي جو تيل

گوپال در ۾ پير وڌو تہ سيتا رنڌڻي مان ئي آواز ڪيو ''ڪير آهي ؟'' ۽ ''مان آهيان'' چوندڙ ٻار جو آواز سڃاڻي، ٿالهي پائي اچي ميز تي رکيائين. گوپال سڪول جا ڪتاب خاني ۾ وجهي چيو، ''ممي !''

''ڀرين ڪاڏو تہ ڪاڻ. روز مٺ ڳالهين جا ٿو سڪول مان گهلي اچين.''

گوپال هٿ ڏوئي ڳراهي وات ۾ وڌي. ماءُ وجهڻو هٿڻ لڳي. ''تون بہ ڪاءُ نہ.'' گوپال ماءُ جو هٿ ٿالهيءَ ۾ وجهي چيو. سيتا جي اکين ۾ آنسو ڇلڪي پيا. ڪيڏن سالن کان پوءِ ڪنهن ڪيس ان حجت سان کائڻ لاءِ چيو هو. ٻانهن ۾ پيل چورن تي اکين مان هڪ ڦڙو ڪري پيو. سون چمڪيو ۽ سيتوءَ جي ذهن ۾ چمڪي انهن چورين پائيندڙ پتيءَ جي ياد !

پتيءَ جي ياد !

''ممي.''

''چئو''

''جنهن ماستر کي تو منهنجي لاءِ سفارش ڪئي هئي

ڪنهن کي ٻه پڇڻ جي ڪين سگهيو. نه وري سرڳواسيءَ جي زال کان پڇڻ جي ڪنهن کي همت ٿي ٿي.

سيتا ڪنڌ هيٺ ڪيو ٻرندي تي رهي، ڪنهن ميڻ بتيءَ جيان رجندي ٿي رهي. هر هر هڪ هٿ سان پير وٽي تي مهٽيائين. جڻ دل جي لوچ ان مهٽ ۾ واهي چڏڻ جو يتن ٿي ڪيائين. زالون ماسٽر جي شعرن، راڳن، ڪتابن ۽ ڪلهه ٿيو ڏينهن جي ڳالهين بابت گهٽو ڪجهه ڳالهائي رهيون هيون. سيتا جي دل انڪان به گهٽو اڳئين وقت ۾ وڃي پهتي. ٽيهه سال اڳ جا چتر من مندر جي پراڻين پتين تي نمايان ٿيڻ لڳا. سيتا وڏي وڏي گهر ۾ ويني هئي. پيءُ چيو، ”ڪڪي، هيءُ ماسٽر توکي گهر ويني ئي پاڙهي قابل ڪندو.“

ڪڪيءَ پڙهڻ شروع ڪيو. ڪتابن جا پاٺ پڙهندي پڙهندي هوءَ پيو ئي ڪجهه پڙهڻ ويني. پاٺ جو ڪلاڪ پوري ٿيڻ تي ماسٽر جي ڦل فروٽ سان آجيان ڪئي ويندي هئي. جنهن معصوم پيار ۽ قرب سان هوءَ سنگترو ڇلي، صوف وڍي رکندي ويندي هئي، سو ماسٽر جي دل جي اهڙن تهن کي ڇهي ويو جن ۾ ٻري روشني ڪرڻ جي طاقت هئي. ماسٽر ڪڪيءَ کي شعر پڙهي ٻڌائڻ لڳو - شعر جي سندس هر ادا هر لوڏ ۽ سرير جي هر انگ تي ٺاهيل هئا. سيتا جي هرهڪ ادا مان حسن بکڻ لڳو. هوءَ هڪ خواب ۾ ويڙهجي ٿي ويئي. پيءُ جون آزمودگار اکيون سڀ ڪجهه تاڙي ويئون ۽ پيار جي ول کي اُسرڻ کان اڳ روڪڻ جا اُپاءَ وٺڻ لڳو. جئن وڌيڪ بندش پيئي تئن سيتا وڌيڪ بيچئن ٿيڻ لڳي. ۽ هڪ ڏينهن

ماستر جو اچڻ بند ڪيو ويو، ٻئي ڏينهن شهر بدلايو ويو. ۽ آخر ۾ سيتا کي شاديءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو. ماستر جي شخصيت سندس چت ۾ وسي ويئي هئي. ماستر جا ڳَلن قلن ۽ جبلن ٽڪرن تي ٽهيل شعر سندس روح ۾ پڙاڏا پائڻ لڳا.

سيتا ڪراچيءَ وڃي پهتي پر سندس من حيدرآباد ۾ ڀٽڪندو رهيو. ماستر جا شعر روز اخبار ۾ اچڻ لڳا. فراق جا شعر، وڇوڙي جا ورلاپ ! سيتا جو اکيون هر وقت ڀنل رهڻ لڳيون. پتيءَ ڪيس شعرن تي ڳوڙها ڳاڙيندو ڏٺو تہ ڳالهہ سمجهي ويو. هڪ ڏينهن پڇيائين، ”سيتو توکي ڇا گهرجي ؟“

سيتو اکيون کڻي پتيءَ کي ڏسندي رهي، جل ڌرائون وهنديون رهيون.

پتيءَ چيو ”تون هنن شعرن جي لکندڙ سان گڏبينءَ ؟ هو سياڻي ڪراچيءَ اچڻو آهي.“

سيتا چپ هئي. ڇا چوي، مريادا جون ديوارون رسمن رواجن جا گهيرا اُتي کڙا ٿيا. پتيءَ چيو، ”سيتو اسانجي ملڪ اڇا انهيءَ سچ کي نہ سڃاتو آهي تہ جتي روح جي پوڄا آهي اتي ئي جند جو ناتو ڳنڍجڻ کپي. مان چاهيان پيو تون جيڪر اها بهادر ناري هجين ها جا ريت رسم جون حدون ٽوڙي پنهنجي پريتم جي ڦلواڙيءَ کي هريو ڀريو ڪري ڇڏيندي آهي.“

سيتوءَ ڪنن کي هٿ ڏيئي ڇڏيا. ”هندو ناريءَ لاءِ ايترو سيکجهہ ٻڌڻ ڏکيو آهي، ڏاڍو ڏکيو آهي.“

پر سيتوءَ اُن مهل بہ من ۾ چيو هو، ”ماستر پنهنجي پالپڻي ۾ ئي ڪنهن سان لائون نہ لهي چڪو هجي ها تہ مان شايد قلمي اندران بہ اُڏامي وڃي سندس ٿيان ها، ليڪن ڪنهن شاعر جي پوڄا جي مورتي هوندي بہ ايتري بي احساس ڪيئن ٿي ٿي سگهيس جو شاعر جي پتنيءَ جو روح وڃي ڦٿڪايان.“

مگر جنهن ڏينهن پتيءَ دوست جي گهر جو مينهن ڪري ڪيس ماستر سان وڃي ملاقات ڪرائي، تنهن ڏينهن کان سيتا بلڪل ئي بدلجي ويئي. اُن ڪانپوءِ هڪ ڏينهن پتيءَ پڇيو، ”تون هاڻي ماستر جي شعرن تي روئندي ڇو ڪين آهين؟“

سيتا وڏيون وڏيون اُداس اکيون مٿي کڻي چيو، ”هيستائين سمجهيو هوم تہ ڪنهنجي پيار ۾ ئي زندگي گذاري سگهجي ٿي، پر ماستر سان گڏجڻ ڪانپوءِ سمجهيو اٿم تہ ڪنهنجي پوڄا ۾ بہ استري جيون گذاري سگهي ٿي ۽ اها پوڄا جاڻو تا ڪنهن جي ٿي رهي آهي؟“

پتيءَ اُداس لهجي ۾ چيو، ”ماستر ئي تہ پاڪ روح ۽ پوڄا لائق انسان آهي..........“

سيتا کلي چيو، ”جيڪو انسان ريت رسم کي پاسي رکي سچائيءِ کي اُگهاڙي روپ ۾ ڏسندڙ آهي، انجو ئي روح پاڪ آهي. توهان کان وڌيڪ پوڄا شايد هن جنم ۾ ڪنهنجي ڪري ئي ڪين سگهنديس.“

سيتوءَ ڏٺو ان گڏجاڻيءَ کان پوءِ شاعر جي شاعري ”تون مان“ جو گهيرو ڇڏي وڏي وسيع گهيري ۾ پکڙجي ٿي

مونجهاري ۾ آهن. هرڪا اکين ئي اکين سان پڇي رهي آهي، ”تون ڪير آهين ؟“

سيتو ڪيئن چوي تہ هوءَ ان پرندڙ ڏيئي جو تيل آهي، جو تيل هوندي بہ وسامي ويو آهي.

ماڻهن جي ٽولي اندر ڪمري ۾ گهڙي آئي. هو پراڻيءَ کي لنبا ڏيئي موٽيا هئا. شاعر جي زال پلٽ شروع ڪيو. سيتوءَ هٿ جهلي چيو، ”پيٽ“ وڏيڪ اکر ڪائنس اُکلي ئي نہ سگهيا. ماڻهو طاق تي رکيل ڪاپين ڏانهن ڏسي هڪ ٻئي ۾ چئي رهيا هئا، ڪنهن بہ طرح هي شعر ڇپائي هن لاٽ جي روشني ماڻهن تائين پهچائيندا سين. ان لاءِ پهرين چندا ڪنا ڪرڻا پوندا.

سيتوءَ پنهنجي ٻانهن مان ڪنب جهڙيون سنهيون چوڙيون لاهي ڪٽي پٽ تي رکيون. ”منهنجو بہ چندو وٺو نہ ؟ ”هوءَ ڪير آهي.“ انهيءَ سوال جي بوڇار کان بچندي، سيتا ٻاهر نڪري ويئي. گهر پهچڻ تائين نڪهڻ اُس ۾ پير ساڙيندي سندس دل جي دڪ دڪ انيڪ ڀيرا چئي ويئي، ”مان ڏيئي جو تيل آهيان !“

(نئين دنيا ١٩٥٨)